پڙهو. پڙهو ۽ سمجهو.

# ٦. يوگيتا جي سڦلتا



يوگيتا گجواڻي نالي هڪ ڇوڪريءَ جو جنم پوني شهر ۾ ٿيو. يوگيتا جو پتا هندستاني هو ۽ ماءُ فرينچ قوم جي هئي. يوگيتا سُهڻي ۽ موهيندڙ ٻالڪي هئي، ماتا پتا کيس ڏاڍو پيار ڪندا هئا ۽ پيار منجهان هن کي ’يوگي‘ ڪري سڏيندا هئا.

يوگيتا جنم وقت بلڪل صحتمند ٻالڪي هئي پر هڪ سال کان پوءِ سندس ٽنگون ڪمزور ٿيڻ لڳيون، جنهن ڪري هوءَ هلي ڪونه ٿي سگهي. مائٽن هُن کي ڊاڪٽر کي ڏيکاريو. ڊاڪٽر کيس جس لوڪ اِسپتال ۾ علاج ڪرائڻ جي صلاح ڏني، اُتي سندس ٽنگن جو ننڍو آپريشن ڪيو ويو. اُن کان پوءِ سندس ٽنگون ٺيڪ ٿيڻ لڳيون. ڪجهه سالن کان پوءِ هوءَ آهستي آهستي هلڻ لڳي. هاڻي هوءَ پنڌ ڪري پاڙيهي اِسڪول ويندي هئي. ماتا پتا کيس پنجن سالن جي عمر ۾ ترڻ سيکاريو. هوءَ روز شام جو تلاءَ ۾ ترڻ لاءِ ويندي هئي.

ماتا پتا هُن جي صحت جو ڏاڍو خيال ڪندا هئا ۽ کيس هر قسم جي ڪسرت ڪرڻ لاءِ چوندا هئا. هن جي شرير کي مضبوط ڪرڻ لاءِ کيس يوگا پڻ سيکاريو. ٻارهن سالن بعد هاڻي يوگيتا جي ٽنگن ۾ پوري شڪتي اچي ويئي. هوءَ ۽ سندس ماتا پتا تمام خوش هئا. يوگيتا اِسڪول جي سپني راندين جي چٽاپيٽين ۾ ڀهرو ونڻ لڳي. هُن ترڻ ۽ ٻين ڪيترن ئي راندين ۾ گهڻيئي اِنعام کٽيا.

يوگيتا اِسڪول جي پڙهائي پوري ڪري هاڻي ڪاليج ۾ پڙهڻ لڳي. پونا يونيورسٽيءَ جي ترڻ جي چٽاپيٽيءَ ۾ يوگيتا پهريون نمبر آئي. سندس فوٽو ڪيترن ئي اَخبارن ۾ ڇپيو.

اُن ڏينهن يوگيتا ۽ سندس ماتا پتا جي خوشيءَ جي حد نہ رهي. اهو ڏينهن انهن لاءِ سڀاڳو ڏينهن هو. يوگيتا جي ماتا پتا جي سهڪار ۽ سندس اَٽڪ ڪوشش ۽ آتم وشواس کين اِهو ڏينهن ڏيکاريو.

سچ پچ ٻارو جيڪڏهن من ۾ پڪو اِرادو، پاڻ ۾ آتم وشواس ۽ همت آهي تہ اُن کي سڦلتا ضرور ملندي.

**نوان لفظ :**

چٽاپيٽي - مقابلو موهيندڙ - وڻندڙ اَٽڪ - لڳاتار

## اَڀياس

سوال ا : هيٺين سوالن جا جواب لکو :-

١) يوگيتا جو اسپتال ۾ علاج ڇو ڪرايو ويو؟
٢) يوگيتا جي ٽنگن ۾ شڪتي ڪيئن آئي؟
٣) يوگيتا جو فوٽو اَخبار ۾ ڇو ڇپيو؟
٤) هن سبق مان ڪهڙي سکيا ملي ٿي؟

سوال ٢ : خال ڀريو :-

١) يوگيتا گجواڻي نالي هڪ ڇوڪريءَ جو جنم ....... شهر ۾ ٿيو.
٢) پيار منجهان هن کي ....... ڪري سڏيندا هئا.
٣) ڊاڪٽر ڪيس .............. اِسپتال ۾ علاج ڪرائڻ جي صلاح ڏني.
٤) ڪجهه سالن بعد هاڻي يوگيتا جي .......... ۾ پوري شڪتي اَچي ويئي.
٥) پونا يونيورسٽيءَ جي ....... چٽاڀيٽيءَ ۾ يوگيتا پهريون نمبر آئي.

سوال ٣ : (الف) ضد لکو :-

ننڍو ................ آهستي ................ سچ ................ سياڻو ................ خوشي ........................

(ب) هيٺين اصطلاحن جي معنيٰ لکي جملن ۾ ڪم آڻيو :-

خوشيءَ جي حد نہ رهڻ، ٻهرو ونڻ

(ب) هيٺين جا عدد بدلايو :-

ڇوڪري ........... شهر ........... ٽنگون ........... ٻالڪي ........... چٽاڀيٽي ........... صلاح ...........

هدايت : ماستر شاگردن کي مٿئين ڪهاڻي پنهنجي لفظن ۾ ٻڌائڻ لاءِ همٿائيندو.
مشغولي : ماستر شاگردن کي اهڙي قسم جون ٻيون ڪجهه ڪهاڻيون گڏ ڪري ڪٽي اَچڻ لاءِ چوندو.

## پورڪ اَڀياس

١. چاڻ حاصل ڪري رانديگر جي نالي اَڳيان مناسب راند جي خاني ۾ (✓) ڪريو.

| رانديگر | بلئرڊ | ڪرڪيٽ | بئڊمنٽن | لان ٽينس | شطرنج | فوٽ بال | هاڪي | شوٽنگ |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| سائنا نيهوال | | | | | | | | |
| وشوناٿن آنند | | | | | | | | |
| ڌيانچند | | | | | | | | |
| سانيا مرزا | | | | | | | | |
| سچن تيندولڪر | | | | | | | | |
| اَڀنو بندرا | | | | | | | | |
| پنڪج آڏواڻي | | | | | | | | |
| نريندر هيراڻي | | | | | | | | |

٢. توهان کي ڪهڙي راند وڻندي آهي. اُن بابت ١٠ جملا لکو.

## صِفَت

١) مون وڻ تي سندر پکي ڏٺو.
٢) هي رستو سوڙهو آهي.
٣) رام سياڻو ڇوڪرو آهي.
٤) سال ۾ ٻارهن مهنا ٿيندا آهن.

پهرئين جملي ۾ 'سُندر' لفظ پکي جي خاصيت ٻڌائي ٿو.
ٻئين جملي ۾ 'سوڙهو' لفظ رستي جي باري ڄاڻ ڏئي ٿو.
ٽئين جملي ۾ 'سياڻو' لفظ رام جو گڻ ٻڌائي ٿو.
چوٿين جملي ۾ ٻارهن مهنن ۾ ٻارهن لفظ مهنن جو عدد ٻڌائي ٿو.
سندر، سوڙهو، سياڻو، ٻارهن اِهي سڀ لفظ صفت آهن.

**اُهو لفظ جيڪو اِسم يا ضمير جو گڻ، اوگڻ، اَنداز يا عدد ٻڌائي اُن کي صفت چئبو آهي.**

هيٺين جملن مان صفت ڳولهيو :-

| | |
|---|---|
| ١) ڪاجل جو آواز مٺو آهي. | |
| ٢) چانهه ۾ کنڊ گهٽ آهي. | |
| ٣) ڊرمون کي چار اَنب آهن. | |
| ٤) مالا راند ۾ هوشيار آهي. | |
| ٥) باغ ۾ سهڻا وڻ آهن. | |

## وندر جو وقت

١) هيٺ ڏنل شَيُن مان جيڪي توهانجي گهر ۾ هُجن تِن جي سامهون (✓) جي نشاني لڳايو ۽ جيڪي نہ هُجن، تِن جي سامهون (X) جي نشاني لڳايو.

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| ليپ ٽاپ | ☐ | رانديڪا | ☐ | واشنگ مشين | ☐ |
| غاليچو | ☐ | پينگهو | ☐ | اي. سي. | ☐ |
| ڪئميرا | ☐ | ڪمپيوٽر | ☐ | فِرِج | ☐ |

٢) هيٺ ڏنل جڳهيُن مان جيڪي توهانجي گهر جي پرسان هُجن، تِن جي سامهون (✓) جي نشاني لڳايو، جيڪي پرسان نہ هُجن، تِن جي سامهون (X) جي نشاني لڳايو.

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| بئنڪ | ☐ | ٽِڪاڻو | ☐ | باغُ | ☐ |
| ڪاليج | ☐ | اِسپتال | ☐ | شاپنگ مال | ☐ |
| هوٽل | ☐ | اِسڪول | ☐ | پوسٽ آفيس | ☐ |